# علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

## (شعبو پاڪستاني زبانون)

**سنڌي لازمي آسان اردو I(398)** **سيمسٽر: خزان** **2013ع**

**سطح: انٽر ميڊيئيٽ** **مارڪون:** **100**

**امتحاني مشق نمبر 1**

**(يونٽ 1 کان 4)**

**سوال1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:** **(40)**

(i) لياقت علي خان کي ڪٿي شهيد ڪيو ويو؟

(ii) سياست ۾ لياقت علي خان جو معيار ڪهڙو هو؟

(iii) اسلامي سماج ڇا کي ٿو چئجي؟

(iv) ماڻهو، ٻهراڙي ڇڏي شهر وڃڻ لاءِ ڪهڙا دليل ڏين ٿا.

(v) شهري زندگيءَ تائين پهچڻ ۾ ”اُنس“ کي ڪهڙا ڏاڪا چڙهڻا پون ٿا؟

(vi) زندگي جو مقصد ڇا هجڻ گهرجي؟

(vii) سڀ وڏيڪ عزت ۽ احترام لائق ڪهڙو شخص آهي؟

(viii) سچي انسانيت ڇا آهي؟

(ix) ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪن به ٽئن ڪتابن جا نالا لکو ۽ پاڻ پنهنجي ساڻپر ۾ سنڌ جي حالت ڪهڙي ٻڌائي اٿن؟

(x) البيرونيءَ سنڌي رسم الخط بابت ڇا لکيو آهي؟

**سوال2. هيٺ ڏنل لفظن جي معنیٰ لکي جملا ٺاهيو!** **(10)**

پيش گوئي، ناصحاڻو، وحدانيت، تڪلف، سهائو، زاغُ، جهٻواڇڻ، گونا گون، ڀانت ڀانت ڪوتاهي.

**سوال3. هيٺ ڏنل مان ڪن به ٻن تي نوٽ لکو: (20)**

1) ادبي ۽ سڌريل ٻولي 2) سنڌ جون اڳوڻيون روايتون

3) ڪوهستاني ڪچهري

**سوال4. سبق ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ لکو: (10)**

**سوال5.تمدن ۽ تهذيب جي فرق کي واضع طور بيان ڪريو. (10)**

**سوال 6.سبق ”پاڪستاني قوميت جو مقصد“ ۾ ليکڪ جي نظر ۾ ملڪ جي چٽيل تصور کي کولي بيان ڪريو.**

**(10)**

**امتحاني مشق نمبر 2**

**(يونٽ 5 کان 9)**

**سوال1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو: (40)**

**(i)** فصاحت ۽ سلاست ڇا آهي؟

**(ii)** ناول جي معنیٰ ڇا آهي؟

**(iii)** ناول جا اهم جزا ڪهڙا آهن؟

**(iv)** ناول جي موضوعن کي ڪهڙن اهم عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي؟

**(v)** شاعري بابت حضرت عمر رضه الله عنہ جو ڪهڙو قول آهي؟

**(vi)** نج سنڌي شاعري بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪهڙي راءِ آهي؟

**(vii)** عام سنڌي شاعري ۾، شاعر ڪنهن سان مخاطب هوندو آهي؟

**(viii)** پورهيتن جي پهرين جڳ مشهور هلچل ڪهڙي ملڪ جي ڪهڙي شهر ۾ هلي هئي؟

**(ix)** پورهيتن جي اها هلچل ڪهڙي سن ۾ هلي هئي؟

**(x)** مزدورن پنهنجن حقن ميرائڻ لاءِ ڪهڙي ڪوشش ڪئي؟

**سوال2. هيٺ ڏنل لفظن جي معنیٰ لکي جملا ٺاهيو! (10)**

سوپ، ويساھ، ماري مات، نفعي خورن، سنڌا، آغوش، مخدوم، سائل، مستحق،
ڪڙمي.

**سوال3. هيٺ ڏنل سنڌي زبان جي عظيم شاعرن مان ڪن به ٻن تي پنهنجن لفظن ۾ مضمون لکو. (20)**

1) قاضي قادن 2) شاھ ڪريم بلڙي وارو

3) شاھ عبداللطيف ڀٽائي 4) خواجه محمد زمان لنواري وارو

**سوال4. سُر ڪلياڻ جي بيتن منجهان بيت نمبر 1 کان 4 تائين جي سمجهاڻي لکو: (10)**

**سوال5.سچل سرمست ۽ حمل فقير جو تعارف الڳ الڳ ڪري لکو. (10)**

**سوال 6.ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عام سنڌي شاعري جون موضوع جي اعتبار کان کهڙيون شاخون ٻڌايون آهن ۽ ماڻهن جا ڪهڙا قسم ڳڻايا آهن. تفصيل سان لکو.**

**(10)**